SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XL مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XL OF 2013
# سنڌ اقليتي برادري جي گروهي ملڪيتن جو تحفظ ايڪٽ، 2013
# THE SINDH PROTECTION OF COMMUNAL PROPERTIES OF MINORITIES ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد
(Sections) دفعات
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. اقليتن جي ملڪيتن جي وڪري ۽ منتقلي تي پابندي
Ban on sale or transfer of Minorities Properties
4. ايڪٽ اويڪيوئي ٽرسٽ پراپرٽيز تي لاڳو نه ٿيندو
Act not apply to evacuee trust properties
5. سزا
Punishment
6. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
7. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

## سنڌ ايڪٽ نمبر XL مجريه 2013

# SINDH ACT NO.XL OF 2013

# سنڌ اقليتي برادري جي گروهي ملڪيتن جو تحفظ ايڪٽ، 2013

# THE SINDH PROTECTION OF COMMUNAL PROPERTIES OF MINORITIES ACT, 2013

[1 اپريل2013 ]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي جي اقليتي برادري جي گروهي استعمال لاءِ ملڪيتن جو تحفظ ڪيو ويندو.

جيئن ته موجوده حالتن ۾ اها اقليتي برادرين جي گهر آهي ته سنڌ صوبي جي اقليتي برادري جي گروهي استعمال لاءِ ملڪيتن جو تحفظ ڪيو وڃي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ اقليتي برادري جي گروهي ملڪيتن جو تحفظ ايڪٽ، 2013سڏيو ويندو.

(2)هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

(4) اهو سنڌ صوبي ۾ ڌرمي فرقي جي استعمال لاءِ اقليتي برادري جي ملڪيتن تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) ”ڪميشن“ مطلب اقليتن لاءِ صوبائي ڪميشن؛

(b) ”ملڪيت“ مطلب اقليتن جي عبادت جي جڳهه،

مسڻ، ٽڪاڻو، ڌرم شالا، گوئوشالا، شمشان گهاٽ، ڪميونٽي سينٽر، سماجي ڀلائي، تعليم، صحت ۽ اقليتي برادري جا گروهي استعمال لاءِ تفريحي ادارا ۽ جنهن ۾ شامل آهن پر واريون عمارتون، خالي جڳهون، زمينون، رهائشي جايون ۽ ڄاڻايل ملڪيتن سان ڳنڍيل آفيسون.

**اقليتن جي ملڪيتن جي وڪري ۽ منتقلي تي پابندي**
**Ban on sale or transfer of Minorities Properties**

3. (1) گروهي استعمال جي مقصد لاءِ اقليتي برادري جي ڪا به ملڪيت ڪنهن شخص طرفان صوبائي حڪومت کان اعتراض نه هجڻ واري سرٽيفڪيٽ کانسواءِ خريد، وڪرو يا منتقل نه ڪئي ويندي.

(2) بشرطيڪ ان سلسلي ۾ ڪجهه به حڪومت طرفان اقليتي برادري جي هائوسنگ اسڪيم جي منظوري سان ملڪيت خريد ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ يا منتقل ڪرڻ تي لاڳو نه ٿيندو.

**ايڪٽ اويڪيوئي ٽرسٽ پراپرٽيز تي لاڳو نه ٿيندو**
**Act not apply to evacuee trust properties**

(3) ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل اعتراض نه هجڻ وارو سرٽيفڪيٽ صوبائي حڪومت طرفان اقليتن لاءِ صوبائي ڪميشن جي سفارش تي ڏنو ويندو..

4.هن ايڪٽ ۾ شامل ڪجهه به اويڪيوئي ٽرسٽ پراپرٽيز ٽرسٽ، حصي هجڻ تي ۽ صوبائي حڪومت جي هٿ هيٺ ملڪيت تي لاڳو نه ٿيندو.

**سزا**
**Punishment**

5.جيڪو به اقليتي برادري جي فرقي جي ڪنهن ملڪيت کي دفعه 3 جي ڀڃڪڙي ڪندي خريد، وڪرو يا منتقل ڪندو، اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا ست سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ به جيڪو هڪ سئو هزار رپين کان گهٽ نه هوندو ۽ وڪري يا منتقلي جي ڪا به قانوني حيثيت نه

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

| | |
|---|---|
| رهندي. | |
| 6. جيڪڏهن هن ايڪٽ جون گنجائشون لاڳو ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي ته، صوبائي حڪومت اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن جي متضاد نه هوندو، جيئن رنڊڪون هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري سمجهي.<br>7. صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.<br><br>نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |